# تلاوتِ قرآن

# جون برڪتون



هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سنتن ڀريو بيان

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# تلاوتِ قرآن جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سيدنا ابو هُريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:جنهن قرآن پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد ڪئيءِ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهيو ۽ پڻ الله عَزَّوَجَلَّ کان مغفرت طلب ڪئي تہ اُن ڀلائي کي پنهنجي جڳهہ تان تلاش ڪري ورتو.

(شعب الايمان للبيهقي2/373، حديث:2084)

يا نبی! بیکار باتوں کی ہو عادت مجھ سے دور

بس دُرُودِ پاک کی ہو خوب کثرت یا رسُول!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:
"نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٿڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السىقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَالۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَة[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## سُورة يٰسين جي برڪت

هڪ ڀيري امام ناصرُ الدين بستي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيمار ٿي پيا ۽ انهيءَ بيماري ۾ توهان تي سَڪتو طاري ٿي ويو، قريبي رشتيدارن مُردو تصوُّر ڪري تَجهيز وتَڪفين کان بعد تَدفين ڪري ڇڏيو، قبر ۾ رات جي وَقت جڏهن سندن کي هوش آيو ته پاڻ کي مَدفُون (دفنايل) ڏسي سخت مُتَحَيّر(حيران) ٿيا .انهي حيرت ۽ بيقراريءَ ۾ پاڻ کي ياد آيو ته جيڪو شخص پريشاني جي حالت ۾ چاليهه (40) ڀيرا سُورة يٰسين شريف پڙهندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مُصيبت کي دور فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ تنگي، فَراخيءَ سان بدلجي ويندي آهي. تنهنڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سورة يٰسين جي تلاوت شُروع ڪري ڇڏي، اجا پاڻ اوڻيتاليهه (39) ڀيرا ئي پڙهي هئي ته هڪ ڪَفن چور ڪَفن چورائڻ جي نيت سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي قبر کوٽڻ شروع ڪئي، پاڻ پنهنجي مؤمنانہ فراست سان ڄاڻي ورتو ته هي ڪفن چور آهي، تنهنڪري چاليهين ڀيري آهستي آواز ۾ پڙهڻ شُروع ڪئي، ته جيئن اهو ٻڌي نہ سگهي، هِتي توهان چاليهه ڀيرا (سورة يٰسين) پُوري ڪئي، ۽ هُتي ڪفن چور بہ پنهنجو ڪم پورو ڪري چڪو هو، توهان اٿي ڪري قبر کان ٻاهر آيا، خوف جي سبب ڪفن چور جي دل ڦاٽي پئي ۽ اهو لاڏاڻو ڪري ويو، امام ناصرُ الدِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي خيال ٿيو ته جيڪڏهن آءُ فوراً شهر هليو وڃان ته ماڻهن کي سَخت پريشاني، حيرت ۽ هيبت ٿيندي، پاڻ رات جو ئي شهر ۾ ويا ۽ هر پاڙي جي دروازي جي اڳيان پُڪارين پيا تہ آئون ناصرُالدِين بستي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه آهيان، توهان مون کي سڪتي جي حالت ۾ ڏسي ڪري غلطي سان مُردو تصوُّر ڪيو ۽ دَفن ڪري ڇڏيو، آئون زِنده آهيان. ان واقعي کان پوءِ



www.dawateislami.net

امام ناصرُالدِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن قرآنِ ڪريم جي تفسير لکي." (فوائد الفواد،مترجم ص ١٣٩)

فلموں سے ڈراموں سے دے نفرت تُو اِلٰہی
بس شوق مجھے نعت و تلاوت کا خُدا دے

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ تلاوتِ قرآنِ ڪريم جون کهڙيون برڪتون آهن جو جڏهن امام ناصرُ الدين بستي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي هوش آيو ۽ انهن پاڻ کي دفنايل ڏٺو تہ ان پريشاني جي عالَم ۾ توهان سورة يٰسين جي تلاوت شروع ڪري ڇڏي، جنهن جي برڪت هي ظاهر ٿي تہ الله عَزَّوَجَلَّ غيب کان سندن جي نجات جا اسباب پيدا فرمايا ۽ پاڻ زنده سلامت قبر کان ٻاهر تشريف کڻي آيا ۽ سندن جي جان بچي وئي. يقيناً قرآنِ مجيد الله عَزَّوَجَلَّ جي تمام ئي پياري نعمت ۽ رحمتن ۽ برڪتن وارو ڪتاب آهي. جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن جي رهنمائي ۽ انهن جي فلاح و ڪامراني جي لاءِ سَرورِ ڪائنات، شاهِ مَوجُودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلبِ منير تي نازل فرمايو. ان جي عظمت جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ هي الله جو ڪلام آهي (يعني الله جو پيارو پيارو ڪلام آهي)، هي مبارڪ ڪتاب هر لحاظ کان ڪامل آهي، ان کي نازل ڪرڻ وارو رَبُّ الْعَالَمِيْن آهي تہ آڻڻ وارو رُوحُ الْاَمِين (حضرتِ سيدُنا جبريل عَلَيْهِ السَّلَام) آهي ۽ جنهن امت جي لاءِ آيو اها سڀني امتن کان بهترين آهي، جنهن زبان ۾ نازل ٿيو اها عربي مبين آهي تہ جنهن مهيني ۾ آيو اهو سڀ مهينن ۾ معزز ترين آهي، جنهن رات نازل ٿيو اها افضل ترين آهي جن جڳهن تي نازل ٿيو اهي اعلٰي ترين آهن، قرآنِ ڪريم وحيِ الٰهي آهي، هي قربِ خداوندي جو ذريعو آهي، رهندڙ دنيا جي لاءِ نسخءِ ڪيميا آهي،



www.dawateislami.net

سيني آسماني ڪتابن جو لبّ لباب آهي، تمام علوم جو سرچشمو آهي، هي هدايت جو مجموعو، رحمتن جو خزانو ۽ برڪتن جو چشمو آهي، هي اهڙو دستور آهي جنهن تي عمل پيرا ٿي ڪري سيئي مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا، اهڙو نور آهي، جنهن سان گمراهي جا تمام انڌيرا دور ڪري سگهجن ٿيا، اهڙو رستو آهي، جيڪو سڌو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ جنت تائين وٺي ويندو آهي، اصلاح ۽ تربيت جو اهڙو نظام آهي، جنهن سان انسان جو تزڪيو ڪري (يعني انسان کي پاڪ ڪري) ان کي مثالي بڻائي ڇڏيندو آهي، اهڙو وڻ آهي جنهن جي ڇانوَ ۾ ويهڻ وارو قلبي سڪون محسوس ڪندو آهي، اهڙو باوفا ساٿي آهي، جيڪو قبر ۾ به ساٿ نڀائيندو آهي ۽ حشر ۾ به وفا جو حق ادا ڪندو. ان ۾ بيمار دلين جي لاءِ شِفا آهي، جنهن ان کي مضبوطي سان پڪڙيو، اهو هدايت يافته ٿي ويو، جنهن ان تي عمل ڪيو اهو فلاحِ دارَين (يعني دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي) حاصل ڪري ويو.

مجھ کو روزانہ تلاوت کی بھی تُو توفیق دے

قارِیِ قرآں بنا اور خادِمِ قرآں بنا

خود الله ربُّ العزت سيپاري 23 سُوْرَةُ الزُّمَر آيت نمبر 23 ۾ قرآنِ ڪريم جي مدح (يعني تعريف) ۾ فرمائي ٿو ته

اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِیْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِیَ ﳓ

ترجمو ڪنزالايمان: الله لاٿو سڀ کان سهڻو ڪتاب جو اول کان آخر تائين هڪجهڙو آهي. تڪرار سان بيان ڪندڙ.



www.dawateislami.net

## سڀ کان سٺو ڪتاب

تفسيرِ خازِن ۾ قرآنِ پاڪ جي اَحْسَنُ الْحَدِيث (يعني سڀ کان سٺي ڪتاب) هئڻ جون ٻہ صُورتون بيان ڪيون ويون آهن: (1) لَفظ جي اِعتبار کان ۽ (2) معني جي اِعتبار کان.

(1) لفظ جي اِعتبار سان هن طرح جو قرآنِ ڪريم فَصاحَت وبَلاغَت جي سڀ کان اونچي دَرَجي تي فائز آهي، نہ هي اَشعار جي جِنس مان آهي ۽ نہ هي عوامي خطبن ۽ رَسائل جي طريقي تي آهي بلڪ هي ڪلام جو هڪ اهڙو قِسم آهي، جيڪو پنهنجي نموني ۾ سڀ کان جُدا آهي.

(2) معنٰي جي اِعتبار سان ايئن تہ قرآنِ مجيد ۾ ڪٿي بہ تَعارُض (يعني ٽڪراءُ) ۽ اِختلاف ناهي ۽ ان ۾ ماضي جون خبرون ، پهريان جا واقعات، غيب جون ڪثير خبرون، واعدي ۽ وعيد ۽ جنت ۽ دوزخ جو بيان آهي.

(تفسير الخازن پ٢٣ الزمر تحت الاية:٢٣، ۴/ ۵٣)

حديث شريف ۾ آهي تہ اَصْدَقُ الْحَدِيثِ كِتَابُ الله يعني سڀ کان سچّي حديث ڪتابُ الله آهي. (شعب الايمان،۴/٢٠٠،حديث۴٧٨۶ملتقطاً) هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي خَيْرُ الْحَدِيثِ كِتَابُ الله يعني بهترين حديث ڪتَابُ اللّٰه آهي. (صحيح مسلم، ص۴٣٠، حديث ٨۶٧ ملتقطا) قرآنِ پاڪ جي تعليمات کي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ڳڏوڳڏ مدني منن ۽ مدني منين ۾ عام ڪرڻ واري عالمگير غيرسياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي باني ۽ امير شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، حضرتِ علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بارگاهِ خداوندي ۾ دعا ڪندا آهن:



www.dawateislami.net

ہر روز میں قرآن پڑھوں کاش خدایا!

اللہ! تلاوت میں مرے دل کو لگا دے

مُفَسِّرِشَهيرحڪيمُ الْاُمَّت حضرتِ مُفتي احمد يارخان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡحَنَّان ان حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا: حديث جي معنيٰ مُطلقًا ڳالھ ۽ ڪلام آهي، تنهنڪري ان معنيٰ جي اعتبار کان قرآن بہ حديث آهي ۽ ماڻهن جو ڪلام بہ، پر اِصطلاح ۾ صرف حُضُور جي فرمان ۽ ڪم کي حديث چيو ويندو آهي. هتي لُغوي معنيٰ ۾ آهي، الله جو ڪلام سڀ ڪلامن تي ايئن ئي بُزرگ (معزز) آهي جيئن خُود پروَردگار پنهنجي مخلوق تي. (مرأة المناجيح، ١/١۴۶)

منا منا اسلامي ڀائرو! هاڻي توهان قرآنِ ڪريم جا فَضائل ۽ ڪمالات سَماعت فرمايا، واقعي قرآنِ ڪريم جي عظمت ۽ رِفعت جو اَندازو نہ ٿو لڳائي سگهجي، ان جو پڙهڻ عبادت، ان جو ٻڌڻ عبادت، ان کي ڇُهڻ عبادت، ايستائين جو ان کي ڏسڻ بہ عبادت آهي. هي مُقدَّس ڪلام رحمتن ۽ برڪتن سان ڀرپُور آهي. اچو تہ !ڀهرين ان مُقدَّس ڪتاب سان مَحَبَّت ڪرڻ وارن جا فضائل ٻڌون ٿا. جيئن تہ

## الله ۽ ان جي رسول سان محبت ڪي جاڻڻ جو طريقو

حضرتِ سيدُنا عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا: جنهن کي هي ڄاڻڻ پسند هجي تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري مَحَبَّت ڪندو آهي تہ اهو ڏسي تہ جيڪڏهن اهو قرآن سان مَحَبَّت ڪندو آهي (يعني ان جي تلاوت ۽ ان تي عمل ڪندو آهي. شرح الشفا للملاعلي قاري) تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بہ مَحَبَّت ڪندو آهي. (المعجم الكبير للطبراني ٩/١٣٢ الحديث:٨٦٥٧ )



www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا سهل بن عبدالله رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ سان مَحَبَّت جي علامت قرآن سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي، قرآن سان مَحَبَّت جي علامت نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي علامت سُنَّت (يعني توهان جي حديثن ۽ اَحوال وغيره) سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي، سُنَّت سان مَحَبَّت جي علامت آخرت سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي، آخرت سان مَحَبَّت جي علامت دُنيا سان بُغض رکڻ آهي ۽ دُنيا سان بُغض جي علامت هي آهي تہ ان مان بَقدرِ ضرورت ورتو وڃي ۽ ايتري مِقدار ۾ ورتو وڃي جيڪو آخرت تائين پهچائي ڇڏي.

(الشفاء بتعريف حقوق المصطفیٰ ،جزء ثاني ص٢٨)

"جَامِعُ الْعُلُوم وَالْحِكَم" ۾ آهي: مَحَبَّت ڪرڻ وارن جي ويجهو ڪا بہ شيءِ محبوب جي ڪلام کان وڌيڪ مني ۽ لذيذ ناهي هوندي، محبوب جو ڪلام سندن دلين جي لاءِ ڪيف وسُرورجو باعث هوندو آهي ۽ اهو ان جي مَقصود ومَطلُوب جي اِنتها هوندو آهي. (جامع العلوم والحكم ٤٥٢)

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ قرآنِ ڪريم سان مَحَبَّت ڪرڻ ڪيتري اَهَميت جو حامل آهي جو قرآن سان مَحَبَّت ڪي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي علامت قرار ڏنو ويو آهي ۽ قرآنِ پاڪ سان مَحَبَّت جي علامت ان جي تلاوت سان گڏوگڏ ان تي عمل ڪرڻ بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابُوبلال محمدالياس عطّار قادري رَضَوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تلاوتِ قرآن کي پنهنجو معمول بنائڻ ۽ ان جي مَحَبَّت دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ 72 مدني انعامات ۾ مدني انعام نمبر21 ۾ اِرشاد فرمائن ٿا "ڇا توهان اڄ ڪَنزُ الايمان مان ڪم اَز ڪم ٽي آيتون (ترجمي ۽ تفسيرسان گڏ) تلاوت



www.dawateislami.net

ڪرڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي؟“ تنهنڪري اسان ڪي بہ پنهنجي هي عادت بنائڻ گهرجي تہ روزانہ ڪنزُالايمان شريف ساڻ تفسير خزائن العرفان يا صِراطُ الجِنان مان ترجمي ۽ تفسير سميت پرپور غور و فڪر سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا ڪريون، اهڙي طرح مدني اِنعام تي عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ تلاوت جون بي شمار پلايون ۽ برڪتون بہ نصيب ٿينديون ۽ عمل جو جذبو بہ پيدا ٿيندو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

کنزالایماں اے خدا میں کاش روزانہ پڑھوں
پڑھ کے تفسیر اس کی پھر اس پر عمل کرتا رہوں

منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً اهي ماڻهو وڏا خُوش نصيب آهن جيڪي قرآنِ ڪريم سان مَحَبَّت ڪندا آهن ۽ ان جي تِلاوت ڪرڻ سان گڏوگڏ ان تي عمل بہ ڪندا آهن، پرافسوس صَد ڪروڙ اَفسوس اسان جي مُعاشري ۾ هڪ وڏو تعداد اهڙن ماڻهن جو بہ آهي جيڪو قرآنِ پاڪ کان تمام پَري آهي ۽ مهينا گُذري وڃڻ جي باوجود بہ ان جي تلاوت جي توفيق نصيب ناهي ٿيندي، اها ئي وجهہ آهي جو اڄ اسان طرح طرح جي پريشانين ڪي منهن ڏئي رهيا آهيون، ناچاقين، نااِتفاقين ۽ بي روزگارين بُري طرح اسان کي پنهنجي لپيٽ وني ڇڏيو آهي، اسان مان تقريباً سڀني جي گهرن ۾ قرآنِ ڪريم مَوجود هوندو ۽ اها سعادت جي ڳالهہ بہ آهي، پر اسين ڄڻ رکي وساري ڇڏيو آهي ۽ ڪڏهن کولي ڪري ڏسندا بہ نہ آهيون، جڏهن تہ گهرن ۾ تلاوتِ قرآن ڪريم ڪرڻ جي وڏي فضيلت آهي. جيئن تہ حضرتِ سيدُنا ابُوهُرَيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: ”جنهن گهر ۾ قرآن پڙهيو ويندو آهي اهو پنهنجي رهڻ وارن تي ڪُشاده ٿي ويندو آهي، ان جون ڀلايون گهڻيون هونديون آهن، ان ۾ فِرشتا حاضر ٿيندا ۽ شياطين ان مان نڪري ويندا آهن



www.dawateislami.net

۽ جنهن گهر ۾ قرآن ناهي پڙهيو ويندو، اهو پنهنجي رهڻ وارن تي تنگ (سوڙهو) ٿي ويندو آهي، ان جي ڀلائي گهٽ ٿي ويندي آهي، ان مان فِرشتا نڪري ويندا ۽ شياطين اچي ويندا آهن.'' (احياء العلوم (مترجم) ، ج۱ ، ص ۸۲۶)

اميرِ اهلسنت پنهنجي خواهش جو اظهار فرمائن ٿا:

الٰہی خوب دیدے شوق قرآں کی تلاوت کا
شرف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

نبين جي سُلطان، رَحمتِ عالميان، سردارِ دو جهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بَرَڪت نشان آهي: توهان قرآن سان تعلُّق باقي رکو، ان کي مُستقِل پڙهندا رهو، سو قسم آهي اُن جو، جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، يقيناً قرآن زياده آزاد ٿيڻ تي آماده آهي، انهن اُٺن کان، جيڪي پنهنجي رسين سان ٻڌل هجن. (صحيح البخاري ج۳ ص ۴۱۲ حديث۵۰۳۳) تنهنڪري منهنجا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ پاڪ جا حقيقي عاشق بڻجي وڃي، ان سان سچي دل لڳائي وٺو، ان جي روزانه تلاوت کي پنهنجو معمول بڻائي وٺو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پوءِ ان جون رحمتون ۽ برڪتون اسان کي به نصيب ٿينديون، گهر مان پريشانيون دُور ٿينديون، رِزق ۾ برڪت ٿيندي ۽ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سڀ مُعاملا آسان ۽ حل ٿيندا ويندا.

اميرِ اهلسنّت لکن ٿا:

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی گناہوں کی ہو دُور دل سے سیاہی

اچو ته تلاوتِ قرآنِ ڪريم جي عظمتن ۽ فضيلتن جي باري ۾ ڪجهه ٻڌون ٿا ته جيئن اسان جي دِلين ۾ به قرآنِ پاڪ جي اهميت ۽ روزانه پابندي سان ان جي تلاوت جي طرف رغبت پيدا ٿئي . الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 22 سُوْرَةُالفَاطِر آيت 29 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:



www.dawateislami.net

اِنَّ الَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً يَّرْجُوْنَ تِجَارَةً لَّنْ تَبُوْرَ ﴿۲۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ جيڪي الله جو ڪتاب پڙهن ٿا ۽ نماز قائم رکن ٿا ۽ اسان جي ڏني مان ڪجهه اسان جي راهه ۾ خرچ ڪندا آهن لڪل ۽ ظاهر اهي اهڙي واپار جا اميدوار آهن جنهن ۾ ٽوٽو (نقصان) هرگز نہ آهي.

تفسيرِ بَغَوي ۾ ان آيتِ مُبارَڪ جي تحت ذڪر ڪيل آهي تہ ''تِجَارَةً'' مان مُراد اهو ثواب آهي جنهن جو الله عَزَّوَجَلَّ واعدو فرمايو آهي، ان ۾ هرگز نقصان ناهي، يعني هي اجر نہ فاسد ٿيندو نہ هلاڪ ٿيندو. (تفسير بغوي ج۳ ص ۴۹۲) جڏهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ قارئينِ قرآنِ ڪريم (يعني قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ وارن کي) اَجرِ عظيم جي بشارت عطا فرمائي رهيو آهي. هڪ ٻي مقام تي تلاوت ڪرڻ وارن جي تعريف ۾ ايئن ارشاد ٿئي ٿو:

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۲۱﴾

(پ1، البقرة، آيت121)

ترجمو ڪنزالايمان: جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي، اُهي جيئن پڙهڻ جو حق آهي (تيئن) ان جي تلاوت ڪن ٿا، اهي ان تي ايمان رکن ٿا، ۽ جيڪي ان جا منڪر ٿيندا تہ اهي ئي نقصان (ڪٽڻ) وارا آهن.

حضرت سيدُنا قتاده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ ان آيت ۾ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ يعني اهي ئي ان تي ايمان رکندا آهن مان مُراد نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا اهي اَصحاب آهن، جن الله عَزَّوَجَلَّ جي آيتن تي ايمان آندو ۽ انهن جي تصديق ڪئي. (تفسير در منثور ج۱ص ۲۷۳) معلوم ٿيو تہ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ، ايمان وارن جو حصو ۽ انهن جي ئي خصوصيت آهي. ان آيت جي تحت



www.dawateislami.net

مڪتبة المدينه ڪان ڇپجڻ واري عظيم ۽ عام فهم تفسير "صراطُ الجِنان" جلد1، صفحي 200 تي آهي.

## قرآن مجيد جا حق:

ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪتاب اللّٰه جا ڪيترائي حق بہ آهن. قرآن جو حق اهو آهي تہ ان جي تعظيم ڪئي وڃي، ان سان محبت ڪئي وڃي، ان جي تلاوت ڪئي وڃي، ان کي سمجهيو وڃي، ان تي ايمان رکيو وڃي، ان تي عمل ڪيو وڃي ۽ ان کي ٻين تائين پهچايو وڃي. اهڙي طرح اَحاديثِ مُبارَڪہ ۾ بہ تلاوتِ قرآنِ ڪريم جا بي شُمار فضائل مَوجُود آهن. انهيءَ متعلق چار(4) فرامينِ مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهو.

(1) قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا ڪريو جو هي قيامت جي ڏينهن پنهنجي پڙهڻ وارن جي شفاعت ڪرڻ جي لاءِ ايندو. (صحيح مسلم ،ڪتاب فضائل القرآن، ص۴۰۳ح۸۰۴)

(2) حديثِ قُدسي آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: ”جنهن کي تلاوتِ قرآن مون کان گهرڻ ۽ سوال ڪرڻ کان مشغول (روڪي) رکي، آئون ان کي شڪر گذارن جي ثواب کان افضل عطا فرمائيندس.“

(ڪنز العمال ج۱ص۲۷۳ ،ح: ۲۴۳۷)

(3) ”ٽن قسم جا ماڻهو بروزِ قيامت ڪاري مشڪ جي دڙي تي هوندا، انهن کي ڪنهن قسم جي گهٻراهٽ نہ ٿيندي، نہ انهن کان حساب ورتو ويندو ايستائين جو ماڻهو حساب کان فارغ ٿين. (انهن مان هڪ) اهو شخص آهي جنهن رِضاءِ الٰهي جي لاءِ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي ۽ ماڻهن جي اِمامت ڪئي جڏهن تہ اهي ان سان خوش هجن.“

(شعب الايمان ج۲ ص ۳۴۸ح:۲۰۰۲)



www.dawateislami.net

(4) اَهلِ قرآن (يعني ان جي تلاوت ڪرڻ وارا ۽ ان جي احڪامات تي عمل ڪرڻ وارا) (اتحاف السادة المتقين ج۵ ص۱۳) الله وارا ۽ ان جا خاص ماڻهو آهن. (سنن ابن ماجه ج۱ ص۱۴۰ح:۲۱۵)

اللہ! مجھے حافظِ قرآن بنا دے

قرآن کے اَحکام پہ بھی مجھ کو چلا دے

(وسائلِ بخشش ص۱۱۳)

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ملاحظ فرمايو ته قرآنِ مجيد، فرقانِ حميد جي تلاوت جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آهن، الله عَزَّوَجَلَّ خُود اهڙن جي مَدح سَرائي (يعني تعريف) فرمائي رهيو آهي، ڳڻوڳڻ احاديثِ ڪريمه ۾ به انهن جا بي شمار فضائل آيا آهن جو قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارن کي ”الله عَزَّوَجَلَّ جا خاص ٻانها“ فرمايو ويو، ڳڻوڳڻ جنهن شخص رِضاءِ الٰهي جي لاءِ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي هوندي، بروزِ قيامت نه ان کي ڪنهن قسم جي گهبراهٽ ٿيندي ۽ نه ان کان حساب ورتو ويندو. ٿورو غور فرمايو ته ايترن اِنعامات ۽ اِڪرامات جي باوُجُود ان ڪلامِ مجيد جي تلاوت نه ڪرڻ ڪيتري وڏي محرومي جي ڳالهه آهي. جڏهن ته اسان جي اَسلافِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام کي تلاوتِ قرآنِ ڪريم سان اهڙي بي انتها چاهت هئي جو اهي هڪ هڪ آيتِ مُبارَڪ ۾ خُوب غور ۽ فڪر ڪندا ۽ اِنتهائي ذوق ۽ شوق سان تلاوت ڪندا هئا. جيئن ته هڪ بُزرگ فرمائن ٿا ته آئون هڪ سُورت شُروع ڪندو آهيان ۽ ان ۾ اهڙي ڳالهه جو مُشاهدو ڪندو آهيان جوصُبح تائين بيهي رهندو آهيان ۽ اها سُورت مڪمل ناهي ٿيندي (احياء العلوم ص۸۵۲) هڪ ٻئي بُزرگ جي باري



www.dawateislami.net

۾ منقول آهي، فرمائن ٿا: جنهن آيتِ مُبارَڪ کي آئون بغير سمجهي بي توجُّهي سان پڙهندو آهيان ،ان کي باعثِ ثواب نہ سمجهندو آهيان. (احياء العلوم ص٨٥٢) حضرت سَيدُنا سليمان داراني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ آئون قرآنِ ڪريم جي ڪا آيت پڙهندو آهيان تہ چار پنج راتيون ان ۾غور وفڪر ڪندي گذري ويندِيون آهن جيڪڏهن آئون خُود ان ۾ غور وفڪر ڪرڻ نہ ڇڏيان تہ بي آيت جي موقعو ئي نہ اچي. (احياء العلوم ص٨٥٢) اَميرُ المؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ايتري قدر تلاوت فرمائيندا هئا جو ان جي سبب انهن وٽ ٻہ مُصحف شريف (قرآنِ ڪريم) شهيد ٿي ويا هئا، ڪيترائي صحابهء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڏسي ڪري قرآنِ پاڪ پڙهندا هئا ۽ ڪوئي ڏينهن قرآنِ پاڪ کي ڏٺي بغير گُذارڻ ناپسند ڪندا هئا.

(احياء العلوم، ص٨٤٣)

ياالله عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ قرآن جي صدقي، اسان کي عاشقِ قرآن بڻاءِ، ڪاش! قرآن ڏٺي بغير، قرآن پڙهي بغير اسان کي سڪون ئي نہ اچي. آمين

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! تلاوتِ قرآن سڀ کان بهترين عبادت آهي، نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ''اَفْضَلُ عِبَادَةِ اُمَّتِىْ قِرَاءَةُ الْقُرْاٰنِ'' يعني منهنجي اُمَّت جي افضل عبادت تلاوتِ قرآن آهي.'' (شعب الايمان للبيهقي ج٢ ص٣٥٤ح٢٠٢٢) تنهنڪري ان جي تلاوت کان محروم نہ رهجي، يقيناً عقلمند اهو آهي جيڪو هن دُنيا ۾ رهي ڪري وڌ کان وڌ نيڪيون ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وڃي، تنهنڪري نِيت فرمائي وٺو تہ آئنده پابندي سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪنداسين ۽ ڪڏهن بہ ناغو نہ ڪنداسين، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ.



www.dawateislami.net

یہی ہے آرزُو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
تلاوت کرنا صُبح و شام میرا کام ہو جائے

منا منا اسلامي ڀائرو! تعليمِ قرآن کي عام ڪرڻ جي صرف خواهش ئي ڪافي ناهي بلڪ عملي طور تي قرآنِ ڪريم جي تعليمات کي عام ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪرڻي آهي، دعوتِ اسلامي، قرآنِ ڪريم جي تعليمات عام ڪري رهي آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنّت جي تربيت جي برڪت سان دعوتِ اسلامي، قرآنِ پاڪ حفظ و ناظره جون تعليمات ملڪ ملڪ، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، هر هر گلي پاڙي ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي، توهان بہ ان ڪوششن ۾ دعوتِ اسلامي وارن جي مدد ڪريو، ڪهڙي نموني مدد ڪندؤ؟ ٻڌو، پنهنجي پاڪ ڪمائي مان دعوتِ اسلامي جا مدرسا تعمير ڪرائي ڏيو، تہ جيئن دعوتِ اسلامي وارا توهان جي مدني منن ۽ مدني منين کي قرآن پڙهائن، تعليمِ قرآن عام ڪرڻ جي لاءِ توهان پنهنجي پگهار مان يا آمدني مان ڪجهہ حصو مقرر فرمائي ڇڏيو، چاهيو تہ ڪنهن مدرسة المدينه جا خرچ يا ڪنهن مدرّس جي پگهار پنهنجي ذمي ڪڻي وٺو، ڪنهن ٻئي کي بہ ان نيڪي جي ڪم ۾ شامل ڪري سگهو ٿا، الله عَزَّوَجَلَّ چاهيو تہ توهان کي قرآن جي تعليم عام ڪرڻ جو عظيم اجر نصيب ٿيندو. جيڪڏهن توهان قرآنِ پاڪ نہ پڙهيو آهي تہ توهان خود بہ دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينه بالغان جيڪي صرف 41 منٽ جي لاءِ لڳندا آهن، اُن ۾ شامل ٿي وڃو، اسلامي ڀينرن جي لاءِ مدرسة المدينه بالغات آهن، جنهن ۾ اسلامي ڀينرون اسلامي ڀينرن کي گهرن ۾ في سبيل الله قرآنِ پاڪ پڙهائينديون آهن.



www.dawateislami.net

یہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
تلاوت کرنا صُبح و شام میرا کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قُرآن بهترين دَوا آهي

منا منا اسلامي ڀائرو!صُبح ۽ شام قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ واري کي جتي بي شمار اَجر و ثواب ملندو آهي، ان جي برڪت سان ظاهري و باطني بيمارين کان شفا بہ نصيب ٿيندي آهي. هڪ شخص نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ نِڙي ۾ سور جي شڪايت ڪئي تہ پاڻ اِرشاد فرمايو: قرآن پڙهڻ اختيار ڪر. (شعب الايمان،٢/٥١٩، حديث :٢٥٨٠) هڪ شخص حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: منهنجي ڇاتيءَ ۾ تڪليف آهي. ارشاد فرمايو: قرآن پڙهو، الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ دلين جي صحت) (الدرالمنثور،٤/٣٦٦) (پاره١١، يونس:٥٧) بلڪ قرآنِ ڪريم تہ مختلف بيمارين جي بهترين دَوا بہ آهي. جيئن تہ فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: خَيْرُالدَّوَاءِ اَلْقُرْاٰنُ يعني بهترين دَوا قرآنِ ڪريم آهي. (سنن ابن ماجه،٤/١١٦-١١٧،حديث:٣٥٠١)

حضرت علامه عبدالرؤف مناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي ان حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا: يعني بهترين تعويذ اهو آهي، جيڪو ڪنهن قرآني آيت جي ذريعي سان ڪيو وڃي، اِرشادِ باري تعاليٰ آهي:

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ (پ15،بني اسرائيل،آيت 82)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اسان قرآن ۾ نازل ڪريون ٿا اها شيءِ جيڪا ايمان وارن جي لاءِ شفاء ۽ رحمت آهي.



www.dawateislami.net

تہ قرآنِ مجيد دل، بدن ۽ رُوح سڀ جي لاءِ دَوا آهي. جڏهن تہ ڪجھ ڪلامن جون بہ خاصيتون ۽ فائدا هوندا آهن، تہ پوءِ رَبُّ العالمين جَلَّ جَلَالُهٗ جي ڪلام جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي، جنهن جي فضيلت ٻين ڪلامن تي اهڙي آهي، جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جي سندس مخلوق تي. قرآنِ پاڪ ۾ ڪجھ اهڙيون آيتون آهن جيڪي خاص بيمارين ۽ مصيبتن جي خاتمي جي لاءِ آهن، انهن آيتن جي مَعرِفت خاص ماڻهن کي هوندي آهي. (فيض القدير،٣/٦٢٨) پُورو قرآنِ ڪريم ئي بيمارين جي لاءِ شِفا ۽ مصيبتن ۽ تڪليفن ۾ مشڪل ڪُشا آهي ۽ قرآنِ پاڪ جي هر سُورت جي پنهنجي ئي فضيلت ۽ شان آهي جيڪا جان ۽ مال جي حِفاظت ڪرڻ، رَنج ۽ غم ختم ڪري دل ۾ فَرحت ۽ مَسرت داخل ڪرڻ ۽ مَرض کان نجات ڏيارڻ جي لاءِ ڪافي آهي. جيئن تہ مڪتبةالمدينه جي مطبوعه 679 صفحات تي مُشتمل ڪتاب ''**جنّتي زيور**''مان قرآنِ پاڪ جي ڪجھ سُورتن جا مُختَصر فَضائل ٻڌون ٿا. سُوْرَةُ الْفَاتِحَه 100مرتبه پڙهي ڪري جيڪا دُعا گهُري وڃي، قَبول ٿيندي آهي، سُوْرَةُ الْبَقَرہ جي تلاوت سان شيطان گهر مان ڀڄي ويندو آهي، آيَةُ الْكُرسى پڙهڻ سان مُحتاجي دُور ٿيندي آهي، سُوْرَةُ الْكَهْف کي هميشه پڙهڻ وارو دَجّال جي فِتنن کان محفوظ رهندو، والدين جي قَبر تي هر جُمعي سُورۀ يٰسٓ جي تِلاوت ڪرڻ سان ان جي حُروف جي تعداد جي برابر ان جا گُناھ بخشيا ويندا آهن. سُوْرَةُالدُّخَان پڙهڻ سان مُشڪل دُور ٿيندي آهي، جيڪو قريبُ المرگ هجي ان تي سُوْرَةُ الْجاثِيَه جو دَم ڪرڻ سان ان جو خاتِمو خير سان ٿيندو سُوْرَةُالحُجُرات جو پڙهڻ ۽ دَم ڪري پيئڻ گهر ۾ خير و برڪت جي لاءِ مُفيد آهي،



www.dawateislami.net

سُوْرَۃُ قٓ پڙهڻ سان باغ ۾ ميون جي ڪثرت ٿيندي آهي، سُوْرَۃُ الرَّحْمٰن 11 پيرا پڙهڻ سان سڀ مَقصد پُورا ٿيندا آهن، سُوْرَۃُالْوَاقِعَه جيڪو شخص روزانه پڙهندو، ان جو ڪڏهن فاقو نہ ٿيندو. سُوْرَۃُ الْمُلْك کي هر رات ۾ پڙهڻ وارو عذابِ قبر کان محفوظ رهندو، سُوْرَۃُالْمُزَّمِّل کي 11 پيرا پڙهڻ سان هر مُشڪل آسان ٿي ويندي آهي، سُوْرَۃُ الْمُدَّثِّر کي پڙهي حفظِ قرآن جي دُعا گهُرڻ سان قرآنِ ڪريم کي ياد ڪرڻ آسان ٿي ويندو، سُوْرَۃُالنّٰزِعٰت پڙهڻ سان مرڻ وقت جي تڪليف نہ ٿيندي، سُوْرَۃُ الضُّحٰی پڙهڻ سان پيچي ويل ماڻهو واپس اچي ويندو، سُوْرَۃُ اَلَمْ نَشْرَح کي جنهن مال تي پڙهيو وڃي، ان ۾ خوب برڪت ٿيندي، سُوْرَۃُالتِّيْن 3 پيرا پڙهڻ سان اَخلاق ۽ ڪردار بهترين ٿيندا آهن، سُوْرَۃُ الْعَلَق ۾ جوڙن جي سور جو علاج آهي، سُوْرَۃُالْقَدْر جيڪو صُبح ۽ شام پڙهندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي عزت وڌائيندو، سُوْرَۃُ الْبَيِّنَه ڪوڙهہ ۽ سائي جي بيماري جو علاج آهي، سُوْرَۃُ الزِّلْزَال چوٿائي قرآن جي برابر آهي، جنهن ماڻهو يا جانور کي نظر لڳي هجي ان تي سُوْرَۃُالْعٰدِيٰت جو دَم مُفيد آهي، سُوْرَۃُ الْقَارِعَه پڙهڻ سان بَلائن کان حِفاظت رهندي آهي، سُوْرَۃُالتَّكَاثُر کي 300 پيرا پرهڻ سان تمام جلد قَرض اَدا ٿي ويندو آهي، سُوْرَۃُ الْعَصْر پرهڻ سان غم دُور ٿي ويندا آهن، سُوْرَۃُ الْهُمَزَه ۽ سُوْرَۃُالْفِيْل دُشمن جي شَر کان حِفاظت ۽ سُوْرَۃُ قُرَيْش جان جي حِفاظت جي لاءِ مُجرَّب آهي، سُوْرَۃُالْمَاعُوْن وڏي مشڪل جي وقت پڙهڻ تمام مفيد آهي، سُوْرَۃُالْكَوْثَر جي تلاوت سان بي اَولاد، صاحب ِاَولاد ٿي ويندو آهي، سُوْرَۃُ



www.dawateislami.net

اَلْکٰفِرُوْن چوٿائي قرآن جي برابر آهي، سُوْرَةُ الْاِخْلَاص قرآن ٽين حصي جي برابر آهي، ان جا بي شمار فضائل آهن، سُوْرَةُ الْفَلَق ۽ سُوْرَةُالنَّاس پڙهڻ سان جن و شيطان ۽ حاسدن جي شر کان حفاظت رهندي آهي. (جنتي زيور،ص۵۸۸)

ڪاش! تلاوت ڪرڻ جو جذبو نصيب ٿي وڃي، اچو! اميرِ اهلسنّت جي دُعا ۾ شامل ٿي وڃو:

تلاوت کا جذبہ عطا کر الٰہی　　معاف فرما میری خطا ہر الٰہی

منا منا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جي مختلف سُورتن جا فَضائل ۽ مزيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اميرِاَهلسُنَّت حضرت علامه مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رَضَوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تمام ئي پيارو ڪتاب”مدني پنج سُورة“مڪتبة المدينه کان هديو ڏئي حاصل فرمائي ڪري مُطالَعو ڪري وٺو. ان ڪتاب جو هر گهر ۾ هئڻ ضروري آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان ڪتاب ۾ مشهور قُرآني سُورتون، دُرُود ۽ رُوحاني علاجن سان گڏوگڏ بي شُمار خُوشبودار مدني گُل پنهنجي خُوشبو لٽائي رهيا آهن. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net کان ان ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) به سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ به ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ ڪري سگهجي ٿو.

## دُرُست تَلَفُّظ سان گڏ قرآنِ پاڪ سکو!

منا منا اسلامي ڀائرو!ياد رکو!قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪرڻ واري تي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمتن جو مينهن به ان وَقت وسندو جڏهن اهو صحيح طريقي سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ ڄاڻيندو هجي. اسان جي معاشري ۾ جديد دُنيوي تعليم حاصل ڪرڻ، اِنگلش لينگويج، ڪمپيوٽر ۽ مختلف ڪورسز



www.dawateislami.net

جي لاءِ ان سان تعَلق رکندڙ ادارن جون ڳريون فيون جمع ڪرائڻ کان ڪَترائيندا ناهن، پر افسوس صَد ڪروڙ افسوس! علمِ دين کان دُوري جي باعث دُرُست اَدائيگي سان گڏ فِيْ سَبِيْلِ الله قرآنِ پاڪ پڙهڻ جي فرصت ناهي. ياد رکو! جيڪي ماڻهو صحيح مَخارج سان قرآنِ پاڪ پرهڻ نہ ٿا ڄاڻين، اهي ثواب ڪمائڻ جي بجائي گُناهہ جا مُرتڪب ٿيندا آهن.

حضرت سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: گهڻا قرآن پڙهڻ وارا اهڙا آهن جو (غلط پڙهڻ جي ڪري) قرآن انهن تي لَعنت ڪندو آهي۔ (احياء العلوم ،ج١،ص٣٦٤)

منهنجا آقا اعلٰي حضرت امام احمد رَضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا:" ايتري تجويد (سکڻ) جو هر حَرف بِئي حرَف کان صحيح مُمتاز ٿئي، فرضِ عين آهي بغير ان جي نماز قَطعاً باطل آهي. (فتاوٰى رضويه ج٣ ص ٢٥٣)

مزيد فرمائن ٿا:''بيشڪ ايتري تَجويد جنهن سان تَصحيحِ (تَص + حيح) حُروف ٿئي (يعني قواعدِ تجويد جي مُطابِق حُرُوف کي دُرُست مَخارِج سان اَدا ڪري سگهي) ۽ غَلَط خواني(يعني غلط پڙهڻ) کان بچي، فرضِ عين آهي. (فتاوٰى رضويه مُخَرَّجَہ ج٦ ص ٣٤٣) صدرُ الشريعه، بدرُ الطريقه مُفتي اَمجد علي اَعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى فرمائن ٿا: جنهن کان حُروف صحيح ادا نہ ٿا ٿين، ان تي واجب آهي تي تصحيحِ (تَص + حِيح) حروف ۾ رات ڏينهن پُوري ڪوشش ڪري. (بهارشريعت:١/٥٧٠)

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ دُرُست قواعد ۽ مَخارج سان گڏ قرآنِ ڪريم پڙهڻ جا خواهشمند آهيون ۽ پڙهڻ بہ گهرجي تہ مدرسة المدينه (بالغان) ۾ ضَرور شرڪت ڪريو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مختلف مَقامات ۽ مَساجِد وغيره ۾ عُمُومًا بعد نمازِ عشاء هزارين مدرسة المدينه (بالغان) جي



www.dawateislami.net

ترڪيب هوندي آهي، جنهن ۾ وڏي عمر جا اسلامي ڀائر صحيح مَخارِج سان حُروف جي دُرُست اَدائيگي سان گڏ قرآنِ ڪريم سکندا ۽ دُعائون ياد ڪندا آهن، نمازون وغيره دُرُست ڪندا ۽ سُنَّتن جي تعليم مُفْت حاصل ڪندا آهن. ان ڪان علاوه دُنياجي مختلف مُلڪن ۾ گهرن جي اَندر تقريبًا روزانہ هزارين مَدارِس نالي سان مدرَسة المدينه (براءِ بالِغات) بہ لڳايا ويندا آهن، جنهن ۾ اسلامي ڀينرون قرآنِ پاڪ، نَماز ۽ سُنّتن جي مُفت تعليم حاصل ڪنديون ۽ دعائون ياد ڪنديون آهن. تعليمِ قرآنِ ڪريم جي فضائل جي بہ ڇا ڳالھ آهي! جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1197 صَفحن تي مشتمل ڪتاب، ''بهارِ شريعت'' جلد 3صَفحي 484 تي بہ فرامينِ مصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحَظہ فرمايو:

(1) توهان مان بهترين شخص اهو آهي، جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.

(بُخاري ج٣ص٤١٠ حديث ٥٠٢٧)

(2) جيڪوقرآن پڙهڻ ۾ ماهر آهي، اهو ڪراماً ڪاتِبين سان گڏ آهي ۽ جيڪو شخص ٻيهي ٻيهي ڪري قرآن پڙهندو آهي اهو اُن تي مشڪل آهي، يعني اُن جي زَبان آساني سان نہ ٿي هلي، تڪليف سان اَدا ڪندو آهي، اُن جي لاءِ بہ اَجر آهن. (صَحيح مُسلِم ص٤٠٠ حديث٧٩٨)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي دُرُست تَلفُّظ سان گڏ قرآنِ پاڪ سکڻ جي لاءِ مدرسة المدينه (بالغان) ۾ شرڪت جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مدرسةالمدينه بالغان جي بار بار ترغيب ڏيارڻ وارا اميرِ اهلسنّت بارگاھِ خداوندي ۾ عرض ڪن ٿا:



www.dawateislami.net

عطا ہو شوق مَوْلیٰ مدرسے میں آنے جانے کا
خدایا ذوق دے قرآن پڑھنے کا پڑھانے کا

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! تلاوتِ قرآنِ پاڪ جون برڪتون صحيح معنيٰ ۾ انهيءَ صُورت ۾ حاصل ٿي سگهنديون، جڏهن اسان ان جي آداب ڪي بہ ملحوظِ خاطِر رکندي تلاوت ڪنداسين ۽ جيڪڏهن آداب جو لحاظ نہ رکيو تہ نہ ان جا مَقاصد حاصل ٿي نہ سگهندا ۽ نہ ئي برڪتن سان مُستَفيض ٿينداسين سگهندا بلڪ ڪجھ صُورتن ۾ گُناھ جا مُرتڪب بہ ٿي سگھون ٿا. اچو تہ!ڪجھ آداب ٻڌون ٿا تہ جيئن صحيح معنيٰ ۾ قرآنِ ڪريم پڙهي ڪري ان جون برڪتون حاصل ڪري سگھون.

❁ اميرالمُومنين حضرت سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ روزانو صبح جو قرآن پاڪ کي چمي ڏئي فرمائيندا هئا: ”هي منهنجي پالڻهار عَزَّوَجَلَّ جو عهد ۽ ان جو ڪتاب آهي.“ (دُرِّمُختار ج 9 ص 634 دارالمعرفة بيروت) ❁ تلاوت جي شروع ۾ اَعُوذ پڙهڻ مستَحب آهي ۽ سورت جي شروع ۾ بِسْمِ الله پڙهڻ سنت، نہ تہ مستحب آهي. (بهار شريعت ج 1 حصو 3 ص 550 مڪتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي) ❁ با وُضو، قبلي ڏانهن منهن ڪري، صاف سترا ڪپڙا پائي تلاوت ڪرڻ مستحب آهي. (ايضاً ص 550) ❁ قرآن پاڪ ڏسي پڙهڻ، ياد پڙهڻ کان افضل آهي. ڇوتہ هي پڙهڻ بہ آهي ۽ ڏسڻ بہ ۽ هٿ لڳائڻ بہ ۽ اِهي سڀئي ڪم عبادت آهن. (غنية المتملي ص 495) ❁ قرآن پاڪ انتهائي سهڻي آواز سان پڙهڻ گهرجي، جيڪڏهن آواز سهڻو نہ هجي تہ سهڻي آواز بنائڻ جي ڪوشش ڪري پر لحن سان هئين پڙهڻ جو اکرن ۾ گهٽ وڌائي ٿي وڃي جيئن ڳانا ڳائڻ وارا ڪندا آهن اهو ناجائز آهي. بلڪ قرآن پڙهڻ ۾ تجويد جي قاعدن جو لحاظ ڪريو.



www.dawateislami.net

(دُرِّمُختار، رَدُّالمُحتار ج 9 ص 694) ۞ قرآن پاڪ وڏي آواز سان پڙهڻ افضل آهي جڏهن ته ڪنهن نمازي يا بيمار يا سمهڻ واري کي تڪليف نه پهچي. (غُنيَةُ المُتَمَلّي ص 497) ۞ جڏهن وڏي آواز سان قرآن پاڪ پڙهيو وڃي ته سيني حاضرين تي ٻڌڻ فرض آهي، جڏهن ته اهي سڀ ٻڌڻ جي لاءِ حاضر ٿيا هجن، نه ته هڪ جو ٻڌڻ ڪافي آهي، جيتوڻيڪ ٻيا پنهنجن ڪمن ۾ هجن. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 353 مُلَخَّصاً) ۞ مجمعي ۾ سيني ماڻهن جو وڏي آواز سان پڙهڻ حرام آهي، اڪثر ڪري ٽيجهن ۾ سيئي وڏي آواز سان پڙهندا آهن اهو حرام آهي، جيڪڏهن ڪجهه پڙهڻ وارا هجن ته حڪم آهي ته آهستي پڙهن. (بهار شريعت ج 1 حصو 3 ص 552) ۞ بازارن ۾ ۽ جتي ماڻهو ڪم ۾ مشغول هجن اتي وڏي آواز سان پڙهڻ ناجائز آهي، ماڻهو جيڪڏهن نه ٻڌندا ته گناهه پڙهڻ واري تي آهي. جيڪڏهن ڪم ۾ مشغول ٿيڻ کان پهرين هن پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ اها جاءِ ڪم ڪرڻ جي لاءِ مقرر نه هجي ته پوءِ ماڻهو نه ٻڌن ته ماڻهو گنهگار ٿيندا ۽ جيڪڏهن ڪم شروع ٿيڻ کان پوءِ هِن پڙهڻ شروع ڪيو، ته پڙهڻ وارو گنهگار ٿيندو. (غُنيَةُ المُتَمَلّي ص 497) ۞ليٽي قرآن پڙهڻ ۾ حرج ناهي جڏهن ته پير سميٽيل هجن ۽ منهن کليل هجي، اهڙي طرح هلندي ۽ ڪم ڪندي به تلاوت جائز آهي، جڏهن ته بي ڌياني نه ٿئي، نه ته مڪروهه آهي. (ايضاً ص 496) ۞ غسل خاني ۽ پليتي وارين جاين تي قرآن پاڪ پڙهڻ ناجائز آهي. (ايضاً)۞ قرآن پاڪ جي تلاوت ٻڌڻ، تلاوت ڪرڻ ۽ نفل پڙهڻ کان افضل آهي. (ايضاً ص 497) ۞ جيڪو غلط پڙهندو هجي ته ٻڌڻ واري تي واجب آهي ته کيس ٻڌائي، بشرطيڪ ٻڌائڻ جي ڪري ڪينو ۽ حسد پيدا نه ٿئي. (ايضاً ص 498) ۞تلاوتِ قرآنِ پاڪ



www.dawateislami.net

ڪندي وَقت ترتيل يعني ٻيهي ٻيهي ڪري پڙهڻ گهرجي جو هي مُستَحَب آهي۞ جيڪڏهن تلاوت جي دوران نِشاط (چُستي) ۾ ڪمي ۽ سُستي محسوس ٿئي تہ ڪجھ دير جي لاءِ تلاوت موقوف ڪئي وڃي تہ جيئن سُستي ختم ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر دِلجمعي سان تلاوت ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: جيستائين تنهنجي دل لڳي قرآن پڙهندو رهو، پوءِ جڏهن ڏيان هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ لڳي تہ اُٿي وڃ.

(صحيح البخاري، ڪتاب فضائل القرآن، باب اقرؤالقرآن...الخ، الحديث:۵۰۶۰، ج۳، ص۴۱۹)

منا منا اسلامي ڀائرو! تلاوتِ قرآن جا مزيد آداب سکڻ جي لاءِ اميرِ اهلسنّت جي رسالو "تلاوت جي فضيلت" جو مطالعو فرمايو.

میں ادب قرآن کا ہر حال میں کرتا رہوں
ہر گھڑی اے میرے مولیٰ تجھ سے میں ڈرتا رہوں

## تعليمِ قرآن کي عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جا مختلف شعبہ جات

(1) مدرسةالمدينہ للبنين (2) مدرسةالمدينہ جُزوقتي (3) مدرسةالمدينہ رهائشي (4) مدرسةالمدينہ للبنات (5) مدرسةالمدينہ بالغان (6) مدرسة المدينہ بالغات (7) مدرسةالمدينہ للبنين آن لائن (8) مدرسةالمدينہ للبنات آن لائن **مدرسةالمدينہ للبنين** ۾ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ مدني منن کي قرآنِ پاڪ حفظ و ناظره جي تعليم ڏني ويندي آهي. **مدرسةالمدينہ جُزوقتي** ۾ اسڪول پڙهڻ وارن ٻارن کي اسڪول جي تعليم کان پوءِ هڪ يا ٻہ ڪلاڪن جي لاءِ قرآنِ پاڪ جي تعليم ڏني ويندي آهي. **مدرسةالمدينہ رهائشي** ۾ طلبہ مدرسن ۾ قيام پذير ٿي ڪري قرآنِ پاڪ حفظ ۽ ناظره



www.dawateislami.net

جي تعليم حاصل ڪندا آهن. **مدرسةالمدينه للبنات** ۾قاريه اسلامي ڀينرون مدني منين کي في سبيل الله قرآنِ پاڪ حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏينديون آهن. **مدرسةالمدينه بالغان** جو دورانيو صرف 41 منٽ آهي، ان ۾ اسلامي ڀائرن کي دُرست مخارج سان قرآنِ پاڪ پڙهايو ويندو آهي، نماز، سنتون ۽ دعائون بہ ياد ڪرايون وينديون آهن. **مدرسة المدينه بالغات** ۾ اسلامي ڀينرن کي اسلامي ڀينرون گهرن ۾ اجتماعي طور تي في سبيل الله قرآن پڙهائينديون ۽ اسلامي ڀينرن جي نماز، دعائون ۽ انهن جا مخصوص مسائل وغيره سڪارينديون آهن. **مدرسةالمدينه للبنين آن لائن** ۾ قاري صاحبان مدني منن ۽ وڏن کي بہ بذريعه انٽرنيٽ قرآنِ پاڪ پڙهائيندا، سنتون سيکاريندا ۽ دعائون ياد ڪرائيندا آهن. **مدرسة المدينه للبنات آن لائن** ۾اسلامي ڀينرون، اسلامي ڀينرن کي بذريعه انٽرنيٽ دُرست ادائيگي سان گڏ قرآنِ ڪريم پڙهائينديون ۽ انهن جي سنت جي مطابق تربيت ڪنديون آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪم و بيش 72 ملڪن ۾ طلبه ۽ طالبات انٽرنيٽ جي ذريعي قرآنِ ڪريم جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. دعوتِ اسلامي جي مدارس المدينه 2200 کان وڌيڪ آهن ۽ طلبه و طالبات جو تعداد تقريباً 1 لک 10 هزارآهي، دعوتِ اسلامي جا هزارين حفاظ تراويح ۾ هر سال قرآنِ پاڪ ٻڌندا يا ٻڌائيندا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي **مدرسةالمدينه بالغان** و **بالغات** ۾ 12 هزارکان وڌيڪ طلبه و طالبات آهن.

يهي ہے آرزُو تعليمِ قرآں عام ہو جائے
تلاوت کرنا صُبح و شام ميرا کام ہو جائے



www.dawateislami.net

## بيان جوخُلاصو

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اج اسان قرآنِ مجيد جي عظمتن ۽ ان جي تلاوت جي برڪتن جي حوالي سان بيان ٻڌو. قرآنِ مجيد وَحيءِ الٰهي آهي، هي قُربِ خُداوَندي جو ذريعوآهي، رهندڙ دُنيا تائين نسخهء ڪيميا آهي، تمام آسماني ڪتابن جو لُبِّ لُباب آهي، سيني علوم جو سَرچَشمو آهي، هي هدايت جو مجموعو، رحمتن جو خَزانو ۽ برڪتن جو چشمو آهي، ان جي تلاوت جون برڪتن مان آهي ته قيامت جي ڏينهن پنهنجي پڙهڻ واري جي شَفاعت ڪندو، ڳڙوڳڙ قيامت جي ڏينهن تِلاوت ڪرڻ واري کي گهبراهٽ نه ٿيندي، نه ئي ان کان حساب ورتو ويندو. قرآنِ پاڪ جي تلاوت اَفضل عِبادت آهي. اسان کي به قرآنِ مجيد جي آداب جو خيال رکندي دُرُست مَخارج سان ڳڙ صُبح ۽ شام جيتري قَدر ممڪن ٿي سگهي، تلاوت جو معمول بنائڻ گهرجي ۽ قرآني تعليمات تي عمل ڪندي پنهنجي زِندگي گذارڻ گهرجي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بجاهِ النبی الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني ڪمن ۾ حصو وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هجن اسان کي هڪ مَدَني مَقصَد عطا فرمايو آهي ته مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. تنهنڪري پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو ۽ ذيلي حلقي



www.dawateislami.net

جي 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصّو وٺڻ وارا بڻجي وڃو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم روزانہ بعدِ فجر مدني حلقو بہ آهي، هي مدني ڪم مسجد ۾ بعدِ فجر ٿيندو آهي، اوّلاً تفسيرخزائن العرفان/صراطُ الجنان مان 3 آيتون ترجمي ۽ تفسير سان گڏ ڏسي ڪري پڙهيون وينديون آهن، پوءِ فيضانِ سُنّت مان ڪم و بيش 4 صفحات يا اميرِ اهلسنّت جي ڪنهن ڪتاب يا رسالي مان درس ٿيندو آهي، پوءِ سڀ اسلامي ڀائر شجره قادِريه، رضويه عطاريه جا اشعار ملي ڪري پڙهندا آهن، ان ڪان پوءِ فڪرِ مدينه جو اجتماعي حلقو ٿيندو آهي ۽ خوش نصيب اسلامي ڀائر اشراق ۽ چاشت پڙهي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان حج ۽ عمري جو ثواب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. تنهنڪري توهان بہ مدني حلقي ۾ شرڪت جي نِيت فرمائي وٺو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جون بي شماربرڪتون حاصل ٿينديون.

مدرسة المدينه بالغان پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيشِ خدمت آهي. جيئن تہ مدرسة المدينه (بالغان) پڙهائڻ وارو مفتي ڪيئن بڻيو؟ بابُ المدينه (ڪراچي) جي مقيم اسلامي ڀاءِ مُفتي فضيل رضا عطّاري مُدَّظله العالی جي بيان جو خلاصو آهي تہ مون 14 سال جي عمر ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي ۽ مزيد تعليم جي لاءِ ڪاليج وڃي پهتس. منهنجو اڪثر وقت عام نوجوانن وانگر دوستن سان گڏ ڪچهري يا ڪرڪيٽ وغيره کيڏڻ ۾گذرندو هو. اسان جي علاقي ۾ سائي عمامي ۽ سفيد لباس ۾ ملبوس هڪ عاشقِ رسول اڪثروڏي محبت سان ملندو ۽ تبليغِ قرآن وسنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي



www.dawateislami.net

جي مَدَني ماحول جون بَرَڪتون ٻڌائيندو ۽ مون کي بہ ماحول اپنائڻ جي ترغيب ڏيندو هو. آئون ان جي محبت ڀري مَدَني انداز کان متاثر تہ گھڻو هئس، پر ڊگھي عرصي تائين ڪا پيش قدمي نہ ڪري سگھيس. آخرڪار مون انهن جي انفرادي ڪوشش جي بَرَڪت سان مسجد ۾ نمازِ عشاء کان بعد لڳندڙ مدرسة المدينه (بالغان) ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس. آئون جسماني طور تي ڪمزور هئڻ جي سبب پنهنجي اصل عمر کان تمام ننڍو ڏسڻ ۾ ايندو هئس، تنهنڪري مون کي الڳ سان ويهاري ڪري پڙهايو ويندو هو. انهيءَ جي ڪري هڪ ڀيري مون کي مدرسي ۾ پڙهائڻ کان معذرت بہ ڪئي وئي. ڇو جو اتي وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن جي ترڪيب هئي. پر مون همت نہ هاري ۽ ٻيهر داخلي جي ڪوشش ڪندو رهيس. منهنجي جذبي کي ڏسندي مون کي ٻيهر داخلا ڏني وئي. آئون عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ دُرُست قرآن پڙهڻ سکي ويس. دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي برڪت سان باجماعت نماز پڙهڻ سان گڏوگڏ سنّتن تي عمل جو جذبو بہ مليو. جلد ئي آئون شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذريعي مريد ٿي ڪري "عطاري" بڻجي ويس. آئون ڪم و بيش 8 سال مدرسةالمدينه (بالغان) ۾ قرآن ڪريم صحيح مخارج سان پڙهائڻ جي سعادت حاصل ڪندو رهيس. انهي دوران مون دعوتِ اسلامي جي زيرِ انتظام ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ بہ شرڪت سان مزيد نيڪين جي رغبت حاصل ڪئي. مون 1996ع ۾ درسِ نظامي ڪرڻ شروع ڪئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

2003ع ۾ فارغ التحصيل ٿيس. انهي دوران فتويٰ نويسي جي به تربيت وٺي چڪو هئس. پير و مرشد جي شفقت سان مجلس تحقيقاتِ شرعيه جي رُڪن جي حيثيت سان پنهنجا فرائض انجام ڏيڻ سان گڏ دارالافتاء اهلسنّت ۾ هي تحرير لکڻ وقت بطورِ مُفتي و مُصَدِّق خدمتِ افتاء جي سعادت حاصل آهي.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی

صدقہ تجھے اے ربِّ غفار مدینے کا

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته مدرسة المدينه (بالغان) پڙهائيندي پڙهائيندي توجهِ مُرشِد جي برڪت سان ڪاليج ۾ پڙهڻ وارو اسلامي ڀاءُ مفتي و مصدِّق بڻجي ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت قرآنِ پاڪ جي تعليمات کي عام ڪرڻ جي لاءِ مختلف مسجدن وغيره ۾ عُمُومًا بعد نمازِ عشاء هزارين مدرسةالمدينه بالغان جي ترڪيب ٿيندي آهي. جن ۾ وڏي عمر جا اسلامي ڀائر صحيح مخارج سان حروف جي درست ادائيگي سان گڏ قرآن ڪريم سکندا، دُعائون ياد ڪندا، نمازون وغيره درست ڪندا ۽ سُنّتن جي تعليم مفت حاصل ڪندا آهن. توهان به ان مدارس المدينه (بالغان) ۾ پڙهڻ يا پرهائڻ جي نيت ڪري وٺو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساڪر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!اڇو تہ شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي رسالي 163 مدني گل مان مسواڪ جا مدني گل ٻڌون ٿا. **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب "**بهار شريعت**" جلد پهريون صفحي 288 صدرُالشّريعه، بدرُالطريقه، حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عليه رحمۃُاللہ القوي لکن ٿا، مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي تہ مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، ۽ جيڪو آفيم کائي ٿو ان کي ڪلمو نصيب نہ ٿيندو ۞ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏھ خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ۞ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم



www.dawateislami.net

وغيره جي ڪَوڙي ڪاني جو هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ۞ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نه هجي نه ته ان تي شيطان ويهندو آهي ۞ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ۞ مسواڪ تازو هجي ته سٺو نه ته ڪجهه دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ۞ مناسب آهي ته ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي ۞ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ۞ جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ۞ هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو ۞ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٽو جو چيچ ان جي هينان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي هجي ۞ پهريان ساڄي پاسي کان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کابي پاسي کان مٿين ڏندن تي، پوءِ ساڄي پاسي کان هيٺين پوءِ وري کابي پاسي کان هيٺين ڏندن تي مسواڪ ڪيو ۞ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي ۞ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قَبليه (وضو کان پهريان ادا ڪئي ويندڙ سنّتن مان) آهي البت سنّت مؤڪَّدَه ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه شريف ج 1 ص 623) ۞ ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلايو نه، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو. (تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهارِ شريعت جلد اوّل صفحي 294 کان 295 تائين جو مُطالَعو ڪيو)



www.dawateislami.net

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“حصو 16 ۽ 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

یاخدا! نکلوں میں مدنی قافلوں کے ساتھ کاش!
سنتوں کی تربیت کے واسطے پھر جلد تر!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[(1)]

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

1...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الحادیۃ عشرۃ، ص 65

2...القول البدیع، الباب الثانی، ص277،

3...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

...القول البديع، الباب الاول، ص125[1]

... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١[2]



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحہ 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ ان ڄڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net